ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ

# شبنم گل جي ڪهاڻين ۾ موضوع ۽ فني گهاڙيٽن جي جدت جو اڀياس: مختصر جائزو


**_Abstract:_**

*Shabnum Gul is a distinctive contemporary writer who has mastered the art of not only poetry but prose genres. Shabnum Gul has written on inimitable topics and has also introduced new subjects and techniques. The Sindhi story is divided into three periods, first being prior to 1947, the second from 1947 to 1985 and the third from mid-90s to the present. During this time many legendary writers have written countless stories and enriched Sindhi literature. Shabnum Gul belongs to the third period. Shabnam Gul has succeeded in joining the ranks of high profile fiction writers due to the uniqueness of her subjects, beautiful style as well as appealing diction. Shabnum Gul started writing in Sindhi literature in 1986. Her stories and poems have been published in many magazines and newspapers and covers various topics such as poetry, memoirs, travelogues, stories, novel, columns, radio and television plays, essays on psychology and parapsychology, comparative literature, research and other topics.*

*She wrote different books such as: "Akhri Lafz" (poetry 1994) "Unjatal Shaher Jo naqsho" (Stories 1995), "Munhinjo Sooraj Mukhi" (Memoires 2008), "Makhi Khan Moklani" (Novel 2015 prize Winner), "khali Hanj Jo dukh" (stories 2017 prize winner), "Khud Shanase-a Jo Johar" (Column and essays on psychology and parapsychology 2019 prize winner), "Muntakhib Afsane" (from Pakistani Adab 2019), "Lafzan Ja Deep" (columns 2019), "Dard-a Ji Lae" (poetry2019), "Khwab Nagar" (travelogue 2021), "Piasi Lahren" (columns and essays on social issues 2021), "Tahtul Shaoor Ki Taqat" (essays and columns on psychology and parapsychology 2021), and "Lehrun Jo Geet" (radio and television plays 2021). She wrote in various genres but she ensured that her prose work did not overlap. Her poetry and prose is based on her wide knowledge of technical writings. She insists on using clear techniques according to the requirements of writings whether it's poetry or prose. Shabnum*







*Gul's stories are based on social and environmental issues. Her characters are not always humans but she has on occasions chosen butterflies, birds and trees as well.*

*Her stories are a reflection of today's world. They have brought modern issues to the forefront of modern times. The treatment of Shabnum's stories is superb, but overall the motives in his proposed themes seem useful and artistic.*


**جديد** سنڌي ڪهاڻيءَ جي ويهين صديءَ جي شروع ۾ واڌ ويجهه ٿي. شروع ۾ ڪهاڻيءَ ۾ حقيقت نگاريءَ جا رنگ پري، ڪردارن کي فطري رنگ ۾ پيش ڪيو ويو. اختصار ۽ اثرانگيزيءَ کي خاص اهميت ڏني ويئي ۽ ڪهاڻيءَ کي غير فطري ماحول مان ڪڍي، حياتيءَ جي حقيقي رُخ کي ظاهر ڪندڙ تحرير جو روپ ڏنو ويو. ڪهاڻيءَ کي جديد ٽيڪنيڪ سان سنواري، اُن جي آغاز ۽ انجام کي نرالي حيثيت ڏني ويئي. ڪهاڻي ادب جي گهڻي پڙهي ويندڙ صنف آهي، جنهن ۾ اختصار ۽ تاثر جي ڪري پڙهندڙن جي دلچسپي قائم رهي ٿي. هر دور ۾ ڪهاڻيءَ جي صنف ۾ گهڻا ئي تجربا پڻ ٿيندا رهيا آهن. ريٽا شهاڻيءَ موجب ته: ”ساهت سماج جو آئينو آهي ۽ سماج دائمي ڦرندڙ گهرندڙ آهي تنهنڪري ڪهاڻي ڪلا ڪيترائي رستا طئي ڪري، مختلف حالتن مان گذري، اڄ واري روپ تي پهتي آهي“(۱)

سماج جي انهيءَ دائمي ڦرندڙ گهرندڙ عمل جو سڀ کان گهڻو اثر عام ماڻهوءَ جي نسبتاً قلمڪار/فنڪار تي ٿئي ٿو. زندگيءَ ۾ نظر ايندڙ وارتائون، منظر، واقعا، حادثا، آزمائشون، ڏک، سک، جذبن جي صورت وٺي، قلمڪار جي قلم جي نوڪ مان ظاهر ٿيندا آهن. ڪهاڻي تخليقي ادب جو هڪ اهڙو آئينو آهي، جنهن ۾ ليکڪ جي سوچ جو عڪس پڻ نظر اچي ٿو. عبدالواحد سومرو انهيءَ بابت چوي ٿو ته: ”ڪهاڻي لکندڙ سڀ کان پهرين ذات کان شروع ڪندو آهي، پوءِ اهو سماج جي اندر ٿيندڙ اُٿل پُٿل، سياسي، سماجي، ادبي جاڳرتا کان ويندي پيار، نفرت، ڪوڙ، دوکي، دوستي، دشمني، وفا، بي وفائي، عشق جي قصي کي بيان ڪندو آهي. ڪهاڻيءَ ۾ حقيقت نگاري، منظر نگاري، جنهن ۾ جذبن، اُڌمن، احساسن جو تذڪرو! جنهن سان پڙهندڙ تي اثر پوي ته اُها ئي ڪهاڻي آهي!!! ڪهاڻي ڪپڙو آهي ۽ ڪهاڻيڪار درزي، جيڪو اُن کي سهڻائيءَ سان ڪٽي، خوبصورت پوشاڪ ٺاهي. يا ٻين لفظن ۾ ته ڪهاڻي ڌاتو

سون آهي ۽ ڪهاڻيڪار سونارو، جيڪو اُنهيءَ کي نفاست سان ۽ ڏيان گيان سان گهڙي، سهڻو بڻائي ٿو، سهڻن لفظن ۾ پوئي، ٻولي، منظر، خيال مان ڪڍي، سهڻو ڪري ڪهاڻيءَ کي پڙهڻ لاءِ پيش ڪري ٿو.“[٢]

ڪامياب ڪهاڻي اُها آهي، جنهن جو سٽاءُ، موضوع، پلاٽ، ڪردار، مڪالما، منظر، حقيقت نگاري، انجام ۽ ٻيا فني لوازمات سهيڙڻ سان گڏ اُن ۾ اثر انگيزي ٻه هجي. سنڌي ڪهاڻيءَ کي ٽن دورن ۾ ورهايو ويو آهي. پهريون دور شروعاتي ١٩١٩ع کان ١٩٤٧ع يعني ورهاڱي کان اڳ جو آهي، ٻيو دور ١٩٤٧ع کان ١٩٨٥ع تائين جو آهي ۽ ٽيون دور ٩٠ جي ڏهاڪي جي وچ کان موجوده وقت تائين آهي. اُنهن دورن ۾ ڪيترن ئي ڪهاڻيڪارن بي شمار ڪهاڻيون لکيون آهن.

گذريل صديءَ جي آخري يعني ٩٠ واري ڏهاڪي دوران سنڌي ڪهاڻيءَ جي ڪيتر ۾ شبنم گل جو نالو سامهون آيو ۽ هن موضوع جي انفراديت، فني گهاڙيٽي توڙي اسلوب جي حوالي سان جلد ئي پنهنجي جاءِ ٺاهي ورتي. اهڙيءَ ريت شبنم گل ڪهاڻيڪار جي حيثيت ۾ ٽئين دور ۾ متعارف ٿي. سندس پهرين ڪهاڻي ’چنڊ گرهڻ‘، ’ناري‘ مئگزين ۾ شايع ٿي. سندس ڪهاڻين جا موضوع ۽ فطري منظر نگاري هن مقالي ۾ آندا ويا آهن. انهيءَ کان اڳ شبنم گل جو تعارف ڏجي ٿو.

هن ايم.اي (انگريزي ادب) ۽ ايم. اي (پوليٽيڪل سائنس) ۾ ڪئي آهي. هوءَ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو امتحان پاس ڪري، ايجوڪيشن ڪاتي ۾ انگريزيءَ جي سبجيڪٽ ۾ ليڪچرار ٿي، جتي ايسوسيئٽ پروفيسر طور استاد جي حيثيت ۾ پڙهائي رهي آهي. موجوده وقت ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ ۾ سيڪريٽري طور فرض نڀائي رهي آهي. ١٩٨٦ع کان سندس واسطو اسٽيج، ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۽ پاڪستان ٽيليويزن ڪارپوريشن سان رهيو آهي، جتي ڪيترن پروگرامن جي ڪمپيئرنگ ۽ ميزباني ڪئي اٿس. شبنم گل لکڻ جي شروعات روزاني ’امن‘ ڪراچيءَ کان ڪئي. هن اخبارن لاءِ ڪالم، مضمون ۽ ڪهاڻيون لکڻ سان گڏ عورتن جي صفحي ’بزم خواتين‘ لاءِ مختلف شعبن ۾ مهارت رکندڙ عورتن جا انٽرويو پڻ ڪيا. ١٩٨٦ع ۾ هن سنڌ يونيورسٽيءَ جي انگريزيءَ واري شعبي ۾ داخلا ورتي، اُن ئي دور ۾ هوءَ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان ڪمپيئرنگ ڪرڻ لڳي. هن پهريون ريڊيو





ڊرامو ’اُجهاميل ڏيئو‘ ١٩٨٩ع ۾ لکيو. ريڊيو ڊرامي کي آڊيو فڪشن پڻ چيو وڃي ٿو. شبنم گل سنڌي ۽ اُردو زبان ۾ ڪيترائي ڊراما لکيا. ڪيترن ئي رسالن ۽ اخبارن ۾ سندس ڪهاڻيون ۽ شاعري شايع ٿي آهي. سندس ڇپيل ڪتابن جو تعداد چوڏهن تائين آهي. جيڪي مختلف موضوعن، جهڙوڪ: شاعري، ڪهاڻي، ناول، ناٽڪ، سماجي ادب، مضمون، تحقيق وغيره تي مشتمل آهن. هن سنڌي ٻوليءَ سان گڏ اُردو توڙي انگريزي ٻوليءَ ۾ پڻ لکيو آهي. سندس ڇپيل ڪتابن جا نالا هن ريت آهن.

’آخري لفظ‘ (شاعري، ١٩٩٤ع)، ’اڻ ڇاتل شهر جو نقشو‘ (ڪهاڻيون، ١٩٩٥)، ’منهنجو سورج مُکي‘ (ساروٽيون، ٢٠٠٨ع)، ’مُکيءَ کان موڪلاڻي‘ (ناول، ٢٠١٥ع) انعام يافته، جنهن کي سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري سال جو بهترين ناول قرار ڏنو. ’خالي هنج جو ڏک‘ (ڪهاڻيون، ٢٠١٧ع، انعام يافته)، ’خودشناسيءَ جو جوهر‘ (ڪالم/مضمون، ٢٠١٩) انعام يافته ، ’درد جي لئي‘ (شاعري، ٢٠٢٠ع)، ’منتخب افسانا (٢٠١٩)‘، ’لفظن جا ديپ‘ (ڪالم، ٢٠١٩)، ’خواب نگر‘ (سفرنامو ٢٠٢٠ع)، ’تحت الشعور کي طاقت‘ (ڪالم و مضامين ٢٠٢١ع)، ’پياسي لهرين‘ (ڪالم و مضامين ٢٠٢١ع)، ’لهرن جو گيت‘ (ڊراما ٢٠٢١ع)

شبنم شاعريءَ سان گڏ نثر جي مختلف صنفن ۾ طبع آزمائي ڪئي آهي. هوءَ بنيادي طور تي ڪهاڻيڪار آهي. جيتوڻيڪ هن غير افسانوي ادب پڻ سرجيو آهي، مضمون ۽ ڪهاڻيءَ جو گهاڙيٽو بنهه مختلف ٿئي ٿو. شبنم گل اُنهن صنفن کي هڪ ئي وقت لکندي به اُنهن جي فني گهرجن کان نه فقط واقف ٿي ڏسجي، پر هن مڙني صنفن کي هڪٻئي جي اثر کان بچائيندي، لکڻين جي فني گهرجن جو خيال رکيو آهي. شروعاتي دور ۾ هن بنا پلاٽ جي (Plotless) ڪهاڻيون پڻ لکيون، جيڪي پر اثر بيانئي، وڻندڙ ٻوليءَ ۽ مضبوط ڪردار نگاريءَ جي ڪري اهميت رکن ٿيون. انگريزي ادب ۾ جيمس جوائس (James Joyce) جي پلاٽ ليس ڪهاڻين ۾ اوچتا موڙ ڪافي عرصي تائين موضوع کي ذهنن ۾ تازو رکندا اچن. ساڳيءَ ريت چيخوف جي بنان پلاٽ جي ڪهاڻين ۾ نواڻ ڏني آهي. جڏهن ته شبنم جي بنان پلاٽ ڪهاڻين ۾ احساساتي وارتائون، سوچ جي تبديلي (Epiphany)، شعور جو وهڪرو ( Stream of Consciousness) ۽ تمثيلي (Symbolic) انداز ملي ٿو.

شبنم گل جو پهريون ڪهاڻين جو ڪتاب ’اڻ ڇاتل شهر جو نقشو‘ آهي، جيڪو ١٩٩٥ع ۾ شايع ٿيو. جنهن ۾ ڪل ١٢ ڪهاڻيون، شامل آهن . جنهن کان ٢٢ سال پوءِ سندس ٻيو ڪتاب ’خالي هنج جو ڏک‘ شايع ٿيو، جيڪو پوپٽ پبليڪيشن، خيرپور ٢٠١٧ع ۾ شايع ڪيو آهي. ٻنهي مجموعن جي ڪل ڪهاڻين جو ڳاڻيٽو (٣٣) ٽيٽيهه ڪن هي.

شبنم گل فڪري ادب سَرجيندڙ حساس ليکڪا آهي. ڪيس اظهار لاءِ ڪهاڻي لکڻ ئي بهتر ذريعو لڳي ٿي. سندس لفظن ۾ تہ: ”مون کان اڪثر اهو سوال ڪيو ويندو آهي تہ شاعري، ڪهاڻي، ڊرامن مان مون کي ڪهڙي صنف پسند آهي؟ هونئن تہ مون ٽنهي صنفن تي سنجيدگيءَ سان ڪم ڪيو آهي، پر ايئن ضرور آهي تہ ڪهاڻي منهنجي اندر جي ليکڪا جي صحيح ترجماني ڪري ٿي. ڪهاڻي وسيلي معاشري جي مختلف رخن جي عڪاسي ڪري سگهجي ٿي. فرد جا مسئلا انفرادي هجن يا اجتماعي، ڪهاڻيءَ ذريعي ڀرپور انداز ۾ آڻي سگهجن ٿا. هر ڪهاڻيءَ کان پوءِ مون پنهنجي اندر اهڙي تازگي محسوس ڪئي آهي، جيڪا برسات کان پوءِ منظر اجرا ٿي محسوس ڪندا آهن.“(٣)

شبنم گل جي ڪهاڻين جا موضوع انفرادي توڙي سماجي مسئلن جي نشاندهي ڪن ٿا، جيڪي سماج جا جيئرا جاڳندا ڪردار آهن. شبنم جي مشاهداتي صلاحيت فعال هئڻ جي ڪري هوءَ فرد جي اندر جي اُڻ تڻ ۽ بي چينيءَ کي ڪهاڻيءَ جي پيرائي ۾ بيان ڪرڻ جي سگهہ رکي ٿي. سندس ڪهاڻين جو مختصر موضوعاتي مطالعو پيش ڪجي ٿو.

**خوشبوءِ جو موت:** هيءَ هڪ معصوم ناري نازو تي ٿيل جسماني تشدد جي ڪهاڻي آهي. گلاب مالهيءَ جي ڌيءَ ڏک، خوف ۽ بي يقينيءَ جي حياتي ڪاٽيندڙ پريءَ بهار ۾ پاڻ کي ماري ٿي ڇڏي. مٽس ڪيترو ظلم ٿئي ٿو، گڏين سان راند ڪيڏڻ جي عمر ۾ هوءَ ڏکن جي رانديڪن سان راند ڪري ٿي.

هيءَ ڪهاڻي حقيقت نگاريءَ جو اظهار آهي. ليکڪا موجب تہ: ”زندگيءَ جي حقيقي ڪردارن مون کان ڪهاڻيون لکرايون آهن. ’خوشبوءِ جو موت‘ جي نازان جو ڪردار منهنجي سامهون آيو تہ مان بي اختيار سوچڻ لڳي هيس تہ بظاهر خوبصورت





نظر ايندڙ هيءَ زندگي ايتري بدصورت بہ ٿي سگهي ٿي.“(٤)

**ساحلن جي هوا:** هيءَ ڪامياب جرنلسٽ رباب جي ڪهاڻي آهي، جيڪا سچ ۽ صداقت جي شيدائي آهي ۽ صحيح رپورٽنگ ڪرڻ ۽ پنهنجي ڪم سان مخلص هئڻ سندس ايمان آهي. بي امن سنڌ جون حالتون، هنڌ هنڌ لڄالٽ جا ڪيس، هوس جو نشانو بڻيل معصوم ڇوڪرين جا قتل، ڌاڙيلن جا راڄ ۽ دهشت ۽ بربريت جون خبرون آهن، جو هوءَ سوچڻ تي مجبور ٿي وڃي ٿي، ”سنڌ جي تاريخ جو هيءُ ڪيترو نہ بدترين دور آهي سچ کي سچ ۽ ڪوڙ کي ڪوڙ چوڻ جا سمورا اختيار ڪسجي ويا آهن. بي ضمير ٿي جيئڻ ڪيڏو نہ سولو ٿي پيو آهي.“(٥)

سندس لکيل مضمون اخبار جي پاليسيءَ سبب هلي نہ ٿو سگهي ۽ جڏهن اخبار سندس ايتري سچائي ۽ حقيقت پسنديءَ جو بار نہ ٿي کڻي سگهي تڏهن هوءَ زرد صحافت (Yellow Journalism) جو حصو نہ ٿيڻ جي ڪري عهدي تان استعيفيٰ ٿي ڏئي ڇڏي. هن ڪهاڻيءَ وسيلي شبنم گل هڪ منفرد موضوع پيش ڪيو آهي. هن زبان، قلم ۽ دل تي پهرن جي خلاف آواز اُٿاريندڙ هڪ سجاڳ، بااختيار ۽ باشعور ڪردار کي پروموٽ ڪيو آهي. شبنم گل موضوع جي مقصديت وسيلي سماج کي سچائيءَ جو رستو ڏيکارڻ ۽ دڳ لائڻ جي ڪوشش ڪندي نظر اچي ٿي.

**خالي رستي جو ڏک:** هيءَ هڪ روايتي ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ محبت جو حاصل نہ ٿيڻ موضوع آهي. نينا هڪ روايتي سنڌي گهراڻي جي ڇوڪري آهي، پر شهري ماحول ۾ بولڊ ٿي وڃي ٿي، آزاد طبع آهي. جيئن تہ عورت لاءِ سماج ڪجهه حدون مقرر ڪري ٿو، جن کي اورانگهڻ کان پوءِ فيشن ايبل ڇوڪرين جي لاءِ رستا خالي ٿا رهن ۽ ڪين ڪوبہ سنو ساٿي نہ ٿو ملي. هوءَ ڪمپرومائيز ڪري، ابرار جي دوکي کان پوءِ پنهنجي تحفظ لاءِ هڪ قبول صورت شادي شده مرد سان شادي ڪري ٿي.

**وڃائجي ويل پَلَ:** هڪ ذهين آرٽسٽ جي ڪهاڻي، جنهن جو فن امر آهي، پر سندس فن جو قدر ناهي. هو هڪ غريب آرٽسٽ آهي، جنهن سان ڪا بہ عورت عمر ڀر رهڻ لاءِ تيار نہ آهي، چاهي سندس پيار مڪي هجي، چاهي سِپي، جنهن سان شادي ڪيائين ۽ هوءَ ٻن ٻارن جي ماءُ ٿيڻ ڪانپوءِ بہ ڪائنس جدا ٿي ويئي. آرٽسٽ جي نظر ۾ تہ، ”زندگي رڳو ڪائڻ پيئڻ ۽ عشق عشرت لاءِ نہ آهي. مادي ضرورتن سان گڏ انسان کي

جمالياتي ذوق جي تسڪين بہ گهرجي ٿي. پيار ۽ سونهن جي سنگم ڪانسواءِ زندگي اڌوري آهي. ٻنهي جي پرک جو ڪو پئمانو ناهي، چو تہ ٻنهي لاءِ ذوقِ نظر جي ضرورت آهي. اُتان ڪلا جو سفر شروع ٿئي ٿو "(٦)

شبنم گل جي هيءَ هڪ شاهڪار ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ سندس اسلوب منفرد ۽ اثر انگيز آهي. آرٽسٽ جنهن جو پنهنجي فن سان سچو رشتو هو ۽ اُنهيءَ سان هُن انصاف ڪيو ۽ پنهنجي وجود جي ڳولها جي هڪ نئين سفر تي روانو ٿيو. هن ڪهاڻيءَ جي موضوع ۽ پيشڪش مان لڳي ٿو تہ جڻ شبنم پاڻ هڪ مصور ڪهاڻيڪاره آهي، ڪيس فن جي امرتا ۽ تڪميل جو پورو پورو احساس آهي.

**لڙاٽيل شامَ:** هيءَ معصوم ملوڪ جي بي وسيءَ، غربت ۽ ڏک جي ڪهاڻي آهي، جيڪو پوپٽن ۽ لغڙن پويان ڊوڙندي، پڙهڻ ڏي متوجهہ ٿئي ٿو ۽ اسڪول بہ وڃڻ لڳي ٿو. سندس پيءُ ڪيس ڏنڌي ڏاڙي ۽ مزوري ڪرڻ تي مجبور ڪري ٿو. نيٺ مارون کائي، مجبور ٿي، پڙهائي ڇڏي گهر جي ذميداري ڪڙي ٿو. پوپٽن ۽ ڪتابن جي بجاءِ سندس هٿن گهرو ذميداريون قبول ڪري ورتيون. هيءَ موضوع جي لحاظ کان مثالي ڪهاڻي آهي.

شبنم گل هڪ انصاف پسند ليکڪ جي صورت ۾ سماجي ناهمواري دور ڪرڻ لاءِ قلم وسيلي جدوجهد ڪندي رهي آهي. ڪيس گلن، پوپٽن، وڻن ٽڻن ۽ فطرت سان پيار آهي، ڪيس شديد ڳڻتي آهي تہ معصوم ٻارن جو فطري روپ ختم ٿئي ٿو ۽ سندن مُرڪون لُڙڪن ۾ تبديل ٿي وڃن ٿيون. تڏهن هوءَ پاڻ کي هڪ وڏي بار هيٺ دٻيل محسوس ڪري ٿي. يونيسيف جي رپورٽ سندس اکين آڏو ڦري اچي ٿي تہ دنيا ۾ ڪروڙين ٻار مزدوري ڪن ٿا ۽ ٽين دنيا جي ملڪن ۾ مزدوري ڪندڙ ٻارن جو ڳاڻيٽو وڌيڪ آهي. اها حقيقت آهي تہ ڪنهن بہ قوم جا ٻار اُنهيءَ قوم جو آئيندو ٿين ٿا، جيڪي زندگيءَ جي بنيادي سهولتن کان جيڪڏهن وانجهيل آهن تہ پوءِ اُنهيءَ قوم ۽ ملڪ جي مستقبل جو ڇا ٿيندو؟ اهو سوال ئي هڪ قلمڪار جي قلم مان ليئا پائي ٿو، جنهن کي انهيءَ معصوم ملوڪ جي اکين ۾ لڙاٽيل شام جي گهري اُداسي ڏسڻ ۾ اچي ٿي.

اهڙيءَ ريت هن مجموعي جون ٻيون ڪهاڻيون سماج جي ننڍن وڏن مسئلن جي





اُپٽار تي محيط آهن. سندس ڪهاڻي 'لهندڙ سج جو منظر' تاريخي شعور جي نشاندهي ڪري ٿي. 'اَڻ ڇاتل شهر جو نقشو' ۾ شامل آخري ڪهاڻي 'ڪوتا ڪهاڻي' هڪ نئين صنف طور لکي وئي آهي. شبنم گل جي ڪهاڻين جي پهرين مجموعي جي ٻولي انتهائي منفرد، وڻندڙ آهي.

**خالي هنج جو ڏک:** هي شبنم گل جي ڪهاڻين جو ٻيو مجموعو آهي، جيڪو ٢٠١٧ع ۾ شايع ٿيو. هن ڪتاب ۾ شامل ڪهاڻين ۾ سماجي حقيقت نگاري ۽ تمثيلي عنصر نمايان طور تي موجود آهي. ڪهاڻيون فني گهاڙيٽي جي اعتبار سان پختيون آهن. ڪهاڻين جو سٽاءُ (setting)، موضوع (Theme)، پلاٽ (Plot)، تضاد (conflict)، ڪردار (characters) ۽ ڇپاٽي (climax) معنويت سان ڀرپور آهن. مجموعي جي ايڪيهن ڪهاڻين جو مطالعو ڇاڻائي ٿو تہ هنن ڪهاڻين ۾ موضوعن جي حوالي سان انفراديت آهي ۽ منظر ڪشي ۽ مڪالمن ۾ ٻوليءَ جي سونهن تي توجهہ ڏنل آهي.

انفرادي توڙي سماجي مسئلن تي مشتمل ڪهاڻين ۾ 'سينگار ميز'، 'خالي هنج جو ڏک'، 'هڪ لمحي جي خوشي'، 'امان'، 'منجهند جو هڪ پل'، 'هڪ مشروط محبت جو ڏک'، 'هڪ مرد ۾ ورهايل ٽي عورتون'، 'عورت جو نالو برسات هجي ها'، 'ڇهري تي سهميل چانڊوڪيءَ جو عڪس'، 'ڳاڙهو وڳو' ۽ 'ڪلر بلائينڊ' آهن. اُنهيءَ کان سواءِ ٻين بلڪل مختلف موضوعن تي لکيل ڪهاڻين ۾ 'پنهنجي لڙڪن ۾ اُجايل منچر'، 'رنگين پر هوا بنا اڏورا آهن!'، 'ڪاش مان الباٽراس هجان!'، 'مور تو تلي'، 'سردخانو ٻڇي ويل احساس'، 'ميڻ جهڙي دل جي اڪيلائي'، 'درد جو چهرو'، 'ٻوراني'، 'چنڊ جي ڪرڻن جو زهر'، 'خوف' ڪهاڻيون شامل آهن. جن ۾ ماحولياتي گدلاڻ جو الميو، استاد ۽ شاگرد جو تعلق، بم بلاسٽنگ سبب ختم ٿيندڙ حياتيون، نفسياتي طور خوف جو شديد احساس هئڻ ۽ فطرت جي حسن کان متاثر هئڻ ۽ ٻيا موضوع شامل آهن. هن ڏس ۾ لکي ٿي تہ، "سنڌي سماج ۾ عورت جي اڌ حيثيت، سندس ذات/شخصيت جي نفي وارو اڻ وڻندڙ رحجان ۽ عورت سان ٿيندڙ ناانصافيون، اُهي اهڙا حساس موضوع آهن، جن تي جيترو لکجي اوترو گهٽ آهي."(٧)

هن سنڌي سماج جي عورت جي حالتن جو مشاهدو گهري نظر سان ڪندي، سندس تڪليف کي دل جي گهرائيءَ سان محسوس ڪيو آهي. شبنم جو پيش ڪيل

عورت جو ڪردار گهڻي پاڳي شهري، وچولي ۽ هيٺين طبقن سان تعلق رکندڙ آهي، جنهن جو گهرو ماحول غير آسوده، غير محفوظ ۽ اطمينان جوڳو نه آهي. انيڪ مسئلن جو شڪار اُها عورت اندر جو سڪون نه هوندي حياتيءَ سان نباءُ ڪندي گذاري ٿي، پر دِلي طور خوش ناهي. جيئن 'امان' ڪهاڻي نرگس نالي هڪ اهڙي عورت جي آهي، جنهن کي ايب نارمل نياڻي پرهه پيدا ٿيڻ تي سندس مڙس طلاق ڏئي ڇڏي ۽ نرگس باقي حياتي اُنهيءَ ڌيءَ پرهه کي سنڀالڻ ۾ گذاري ٿي ۽ اُنهيءَ معذور ڌيءَ جي ڪري ٻي شادي به نه ٿي ڪري. ڪهاڻيءَ جي پڇاڙي نرگس جي موت ۽ پرهه جي منهن مان نڪتل آواز 'امان' تي آهي، جنهن سڏ لاءِ نرگس سڪندي هئي ته سندس ڌيءَ ڪيس 'امان' ڪري سڏي. هيءَ ڪهاڻي ماءُ جي لازوال مامتا جي احساس بابت آهي. هن ئي موضوع تي 'شهناز' نالي سان ڪهاڻي پوپٽي هيرانندائيءَ ۵۰ سال اڳ پيش ڪئي هئي. شهناز، جيڪا نارمل هئي، پر ڏڪ لڳڻ سان دماغي طور معذور ٿي وڃي ٿي ۽ ڪهاڻيءَ جي نائڪ، يعني سندس والده نيريٽر طور اُها ڪهاڻي ٻڌائي آهي ۽ پنهنجي سڄي حياتي شهناز جي سيوا ۾ گذاريندي آهي. پوپٽي هيرانندائيءَ ۽ شبنم گل جي ڪهاڻيءَ جي موضوع ۾ هڪ جهڙائي هوندي به اهم ڳالهه اها آهي ته ٻنهي عورت جي درد کي جهڙيءَ ريت محسوس ڪيو آهي، ڪو مرد ليکڪ نه ٿو ڪري سگهي.

ڪهاڻي 'هڪ مشروط محبت جو ڏک' نئين ٽيڪنيڪ تي آڌاريل ڪهاڻي آهي، جنهن جو بيانيو دلچسپ آهي . جنهن ۾ رخسانه ۽ فيضان جي رشتي جي وچ ۾ ٿيل جهيڙي سبب رخسانه شديد ڊپريشن جو شڪار ٿي وڃي ٿي. ڊاڪٽر ڪيس ڊپريشن مان نڪرڻ لاءِ واڪ جو مشورو ٿو ڏئي، چار سؤ ميٽرن جي واڪنگ ٽريڪ تي واڪ ڪندي، چوڌاري ماحول جي چرپر تي سوچيندي، سندس نظرون مرد ۽ عورتن جو مشاهدو ڪن ٿيون.

"هڪ ماڻهو تيزي سان ڊوڙندو سندس ڀرسان لنگهي ٿو، هن جي سوچ پکيءَ جي ٽٽل کنڀن جيان فضائن ۾ وکري وڃي ٿي، اُهو ماڻهو گهڻي دير تائين وارم اپ ڪانپوءِ جاگنگ ڪندو آهي. هوءَ مختلف وقتن تي ايندي آهي، اُهو ماڻهو اتي موجود هوندو آهي. شايد هن ماڻهوءَ کي پنهنجي زال ۽ ٻارن سان گهڻو پيار آهي، جو هو صحتمند رهڻ ۽ گهڻي عرصي تائين جيئڻ چاهي ٿو. جيئڻ جو اُتساهه فقط محبوبه ئي





ڏئي سگهي ٿي.

ممڪن آهي زال جي ڪِر ڪِر کان ڀڄي، ڪلب ايندو هجي، مرد آخر گهرن ۾ شام جي وقت تي ايترو بيزار ڇو ٿيندو آهن؟

ڪين گهرن ۾ ويهڻ ڇو ڪو نه ايندو آهي..؟ شايد زالن جو ڏوهه هجي، هو شام جو ٽڪجي آيل پنهنجي مڙسن سان پيار ونڊڻ بدران مسئلن جي لسٽ کي ورجائينديون آهن.

هتي زالن ۽ مردن جي سکيا جو ادارو هئڻ گهرجي، جتي بهترين زال ۽ سمجهدار مڙس جي هڪ سٺي کيپ تيار ڪري سگهجي. اُهي معاشرا ترقي ڪندا آهن، جتي پر سڪون گهر هوندا آهن."(۸)

هن ڪهاڻي ۾ ڪردار جي سوچ جي تبديلي ڏيکاري وئي آهي ڪهاڻيءَ جي ان اهم جزي کي (Epiphany)چيو ويندو آهي جيڪو يورپ ۾ خاص طور تي لکيو ويو آهي . جنهن ۾ ڪنهن جذباتي ڪشمش کان پوءِ ڪردار جي سوچ ۾ تبديلي اچي ٿي . ان ڪهاڻيءَ وسيلي هڪ آدرشي سوچ نمايان ٿئي ٿي. ته گهر جي ايڪائيءَ جي مضبوطي سماج جي سهڻي اوسر لاءِ ضروري آهي. جتي گهر ۾ ٻڌي ۽ محبت کي قائم رکڻ لاءِ مرد کي قصوروار نهرايو آهي، اُتي عورت ذات کي پڻ تنبيهه ڪئي آهي. بنيادي طور شبنم پيار، محبت، اخلاقيات ۽ چڱائي کي اظهاري ٿي. شبنم جي ڪهاڻي 'هڪ مرد ۾ ورهايل ٽي عورتون' هڪ مرد سان شادي ڪيل ٽن عورتن جي جذباتي ۽ جسماني ورهاڱي جو شاندار نفسياتي تجزيو آهي. هيءَ ڪهاڻي روايتي موضوع هوندي به پنهنجي ٽريٽ مينٽ ۾ هڪ بهترين ڪهاڻي آهي، جيڪا فني پيشڪش جي لحاظ کان پختي ۽ سوال اُٿاريندڙ آهي. شبنم ماڻهوءَ جي فطري ۽ سپاويڪ حياتيءَ جي جيئندان جي قائل آهي. عورت ڪهاڻيڪارائن ۾ هيءَ واحد ڪهاڻيڪاره آهي، جنهن جي فن ۾ فطرت جي خوبصورتيءَ لاءِ پيار ۽ اُن جي بقا لاءِ اُتساهه موجود آهي. هوءَ فطرت جي حُسناڪين کي فنڪارانه انداز ۾ بيان ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿي. اُنهيءَ کان اڳ جو هن موضوع تي سندس فن مان ڪي مثال پيش ڪجن ٿا.

انهيءَ نڪتي جي وضاحت ڊاڪٽر فياض لطيف جي لفظن ۾ هن ريت ڇاڻايان ٿي، هو لکي ٿو ته "انسان بحيثيت هڪ فنڪار جي نه رڳو معروضي ماحول يا شين

جي جسماني خوبصورتيءَ جو خالق آهي، پر موضوعي ماندڻ، يعني انسان جي روحاني دنيا جي خوبصورتيءَ جو خالق به آهي.“(٩)

ڊاڪٽر فياض اهو به چوي ٿو ته، ”حسن هڪ اهڙو مظهر آهي، جنهن جي ڪائي هڪڙي صورت، ڪوئي هڪڙو روپ ۽ ڪائي هڪڙي قطعي وصف ڪانهي، پر اُهو اهڙيءَ روشنيءَ وانگر آهي، جنهن جا اڻ ڳڻيا روپ ۽ رنگ آهن. ٻين لفظن ۾ حُسن بذاتِ خود قدرت جو هڪ اهڙو ڪرشمو آهي، جنهن جي جلون ڪي هر ماڻهو پنهنجي زاويہ نگاهہ، شعوري سگهہ، حسي تجربي، مزاج ۽ موڊ جي بنيادن تي پَسي، پرکي ۽ محسوس ڪري ٿو. هر شاعر ۽ تخليقار وٽ سونهن جي اظهار جو پنهنجو سليقو، پنهنجو ڍنگ ۽ پنهنجي ذات آهي.“(١٠)

ڏنو وڃي ته شبنم جو فن فڪري، قدرتي، احساساتي، نفسياتي ۽ درد جي حسن جو عڪاس آهي. قومي پس منظر ۾ لکيل سندس ڪهاڻي ”پنهنجي لڙڪن ۾ اُجايل منڇر“ منڇر جي مهاڻن جي درد جو نوحو آهي. قديم تهذيب جي تباهيءَ جو درد شبنم اثرائتن لفظن ۾ بيان ڪيو آهي.

”شام سمي منڇرجو پاڻي جڻ اداسين ۾ ويڙهجي ويو هجي، ڪڏهن منڇر جي ڪنارن تي ٻيڙين جو قطارون، ڪنول جيان پيون جهومنديون هيون، اُن وقت منڇر جو منو پاڻي آبِ حيات مثل هو، زندگي بخشيندڙ.“(١١)

اڳيان زينا جي سوچ بيان ڪندي لکي ٿي ته، ”جڏهن منڇر اوج تي هئي ته پاڻي ۾ طرحين طرحين جا ٻوٽا ۽ گاهہ پيا ترندا هئا، هر قسم جي مڇي هئي، موراڪو، جرڪو، ڪُرڙو، گندڻ، سينگاري ۽ ٻيا ڪيترائي قسم. زينا هڪ ڊگهو ساهہ ڪنيو، پاڻي ڪاري ٽيڻ ڪان پوءِ مڇيءَ جا چند قسم وڃي بچيا آهن. ٻئي پاسي منڇر جا وڻ ٽڻ، ٻوٽا ۽ گاهہ به لوڏياتي پاڻيءَ جي زهر ۾ ختم ٿي ويا آهن. ”هاءِ ڙي منڇر! تنهنجا جوپن ڏينهنڙا..!!“ زينا جي اکين ۾ لڙڪ تري آيا. لڙڪن جي اولڙي ۾ منڇر به ڏنڌلي ٽيڻ لڳي. لڙڪ لڙي ڳلن تي ماڪ ڦڙن جيان وکري ويا. ”مهاڻا ايئن صبح شام منڇر ڪي لڙڪن جي پيتا ڏين ٿا.“(١٢)

صدين ڪان آباد مهاڻا پنهنجو ماڳ ڇڏڻ تي ڪيئن مجبور ٿين ٿا. منڇرجو ڪڙو، زهريلو ۽ ماحول جو گدلو ٽيڻ سندن حياتين ڪي جوڪو آهي. هو نہ چاهيندي به





پنهنجي ابن، ڏاڏن جي اجهن ڪان آهستي آهستي موڪلائيندا، ٻين ڳوٺن ۽ شهرن ڏي وڃن ٿا. زينا ۽ سانول پڻ انتهائي بيمار ۽ مجبور ٿي، منڇر ڪان ايئن روئي موڪلائين ٿا، جڻ سندن گهر ۾ مرتيو ٿيو هجي. هن بهترين ڪهاڻيءَ ۾ منڇر جي تباهي بيان ڪيل آهي. شبنم جي هيءَ ڪهاڻي قومي احساسن ۽ جذبن جي عڪاس آهي. منڇر ڍنڍ سنڌ جي هڪ مڪمل سيپتا ۽ شان آهي، جنهن جي تباهيءَ تي جيترو ڏک ڪجي، سو گهٽ آهي. هن ڍنڍ جي قدامت تي طارق قريشي لکيو آهي ته، ”سائين حاڪم علي شاهہ بخاري آرڪيالوجسٽ جي ڪنهن ڪچهريءَ ۾ ٻڌو هئم ته دنيا ۾ تهذيبن جون لڳ ڀڳ هڪ هزار سائيٽس آهن، جن مان ٦١ سائيٽس سنڌ ۾ آهن، سندس چوڻ موجب ته منڇر ايتري ئي قديم آهي جيتري ڪائنات.“(١٣)

جهڙيءَ ريت منڇر جي حسن جي ڪومائجڻ ۽ مهاڻن جي دربدر ٿيڻ جي درد ۽ ڏک ڪي شبنم احساساتي انداز سان پيش ڪيو آهي، ساڳيءَ ريت ٿر ۾ فطرت جي سونهن، مورن جي بيماريءَ وگهي مرڻ تي پڻ سندس دل ڏکي ٿي. اُن حوالي سان ’مور تو تلي راڻا‘ هڪ بلڪل نرالي ۽ نئين موضوع جي ڪهاڻي آهي. مور جي رقص ڪي الهامي ڪيفيت ڄاڻائيندي، شبنم هن پکيءَ جي سونهن ڪي ٿر ۽ ڪائنات جي اڻمٽ سونهن سڏيو آهي. هڪ ٻي ڪهاڻي ’رنگين پر هوا بنا اڏورا آهن‘ فطرت جي مطالعي جي بهترين عڪاسي آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ پوپٽن ڪي محفوظ ڪرڻ واري طريقيڪار تحت فريم ڪندي، مارڪيٽ ۾ وڪرو ڪيو وڃي ٿو، جنهن عمل جي خلاف آواز اُٿارڻ لاءِ شبنم گل اها ڪهاڻي لکي، هيءَ هڪ اعليٰ پايي جي تمثيلي ڪهاڻي آهي. زاهده ابڙو هن ڪهاڻيءَ تي راءِ ڏيندي چوي ٿي ته، ”شبنم هڪ خوبصورت دل رکندڙ ۽ ذهين ليکڪا آهي. هوءَ فطرت جي گوناگين ڪان متاثر ٿي لکي ۽ پنهنجي لکڻين ۾ فطرت ۽ ماحول ڪي ڪيتري سنجيدگيءَ سان ڏسي ٿي، جنهن ۾ هوءَ هڪ پوپٽ جي احساسن ڪي اهڙي ريت بيان ڪري ٿي، لڳي ٿو ته سندس اندر ۾ به ڪي پوپٽ رهن ٿا ۽ اُهي ساڻس ڪلام به ڪن ٿا، جو هن هڪ پوپٽ ڪي نہ رڳو ماحول جي خوبصورتيءَ سان ڳنڍيو آهي، پر اُن ۾ پوپٽيءَ جي احساسن ڪي هوبهو ايئن بيان ڪيو آهي، جيئن پوپٽيءَ جا درد ڀريا احساس اُهي ئي هجن ۽ اُن سان گڏ انسان جي ماحول طرف غير سنجيده رويي ۽ غير فطري حسن لاءِ چاهہ ڪي تنقيد جو نشانو بڻايو آهي.“(١٤)

متين ڪهاڻي، جنهن ۾ سخت دل شخص ريان، آزاد هوائن ۾ اُڏامندڙ پوپٽيءَ کي قيد ڪري، فريم ۾ محفوظ ڪري ٿو ۽ سندس محبوبا شينا سندس ان عمل تي اعتراض واري ٿي. هن علامتي ڪهاڻيءَ ۾ مرد کي ڪنور، ظالم ۽ بي رحم ڏيکاريو ويو آهي، جڏهن ته عورت کي قيد و بند ۾ بي وس.!

’ڪاش مان الباٽراس هجان‘ پيار جي علامت واري پکيءَ جي هڪ وڻندڙ ڪهاڻي آهي. ’ميڻ جهڙي دل جي اڪيلائي‘، شبنم جي اُنهن خوبصورت ڪهاڻين ۾ شمار ڪري سگهجي ٿي، جن ۾ ڌرتيءَ سان، وڻن، ٽڻن سان، پکين سان ۽ فطرت سان بي انتها پيار ظاهر ٿئي ٿو. لکي ٿي ته، ”ڪلثوم جو گهر ٻوٽن، ولين، گلن ۽ وڻن سان پريل هو. سندس والد چوندو هو، اهي ٻوٽا ۽ وڻ اسان جي اولاد وانگر آهن. هو وڻن جي ڪٽڻ جو سخت مخالف هوندو هو، ڀلا ڪير پنهنجي اولاد کي هٿ سان قتل ڪري سگهي ٿو؟ سندس پيءُ هاڻ دنيا ۾ ناهي رهيو. اُن وڻ جي ڇڪي والد ڏني هيس، ڪلثوم کي وڻ مان پيءُ جي خوشبو پڻ اچي ٿي. ڏيءَ لاءِ پيءُ جو پيار وڻ جي گهاٽي ڇانوري جهڙو هوندو آهي. نم جو وڻ هن جي ڪل ڪائنات آهي. وڇڙي ويل سمورن رشتن جي آسيس هن کي اُن وڻ مان ملي ٿي.“(١٥)

هن ڪهاڻيءَ جو موضوع بلڪل نئون ۽ ٽريٽمينٽ وڻندڙ آهي، جنهن ۾ وڻ ٽڻ ماحول جي فطري خوبصورتيءَ ۾ ڪيترو واڌارو ڪن ٿا ۽ ڪيئن اُنهن مان ٿڌي هوا (خاص نم جو وڻ ذڪر ڪيل آهي) ملي ٿي ۽ سڪون جو احساس ٿئي ٿو ۽ اُنهن ۾ پکين جا آکيرا ۽ لاتيون لنوڻ، ساون ڇهچ پنن جو لڏڻ، شاخن جو هوائن ۾ رقص ڪرڻ، زندگيءَ جي تازگي محسوس ڪرڻ ڪيترو وڻندڙ آهي؟ اُنهيءَ ڪان پوءِ پنهنجي ضرورتن پويان وڻ ڪٽڻ وارو عمل ڄڻ هڪ انسان کي قتل ڪرڻ آهي. اهو موضوع شبنم، ڪلثوم جي ميڻ جهڙي دل کي ڪهاڻي ۾ پيش ڪيو آهي.

بنيادي طور شبنم گل فطرت سان لڳاءُ رکندڙ ليکڪا آهي. ڪيس فطرت جي مڙني خوبصورتين سان پيار آهي، پاڻيءَ جا وهڪرا، سج جا سنهري ڪرڻا، سرسبز باغ، ٻنيون ٻارا، وڻ ٽڻ، گل، ٻوٽا، پکي پکڻ، پوپٽ، پوپٽيون، پؤنر، چنڊ جون چاندوڪيون، چمڪندڙ ستارا، جبل، نديون، ساوڪون، گل، گلزاريون، معطر فطري ماحول جون دلڪشيون، مُندن جون رنگينيون، آڪاش جي نيراڻ، ماءُ جي ممتا ۽ ڀيا





انيڪ احساس ۽ جذبا توڙي من موهيندڙ منظر فطرت جي لافاني قوت جو اظهار آهن، جن کي جمالياتي تقاضائن تحت پرکڻ ۽ محسوس ڪرڻ واري نظر ۽ دل گهرجي ۽ تحقيق اها نظر ۽ اهو احساس شبنم وٽ موجود آهي.

شبنم جديد ڪهاڻيءَ جو سگهارو نالو آهي، سندس ڪهاڻين ۾ روايتي عورت واري سوچ تي عورت بجاءِ هڪ باشعور انسان واري ايپروچ (Approach) نظر اچي ٿي. هنن ڪهاڻين کي محض عورتاڻي ادب جي خاني ۾ قيد ڪرڻ مناسب نه ٿيندو، بلڪ هي ڪهاڻيون جديد سوچ ۽ فني گهاڙيٽي جي بنياد تي اُٽيون ويون آهن. هر ڪهاڻي، ٻي ڪهاڻيءَ کان منفرد نظر اچي ٿي. ڪٿي به يڪسانيت، ورجاءُ ۽ لفاظي محسوس نه ٿي ٿئي. ڪهاڻيڪار منظور ڪوهيار مطابق سندس ڪجهه ڪهاڻيون منفرد موضوعن تي لکيل آهن، جن ۾ ماحولياتي ۽ جهنگلي جيوت جا موضوع شامل آهن. خاص ڪري ڪهاڻي ’لڙڪن ۾ اُجايل منڇر‘، ’مور تو ٿلي راڻا‘ ۽ ’ميڻ بتيءَ جهڙي دل ۾ اڪيلائي‘. ساڳئي ريت منفرد موضوعن ۾ نفسياتي پراسراريت جي حوالي سان شبنم گل جي ڪهاڻي ’خوف‘ آهي، جنهن مان اندازو ٿئي ٿو ته ليکڪ کي نون موضوعن تي لکڻ جي جرئت آهي. ’خالي هنج جو ڏک‘ ٽيڪنيڪل حوالي سان مجموعي جي بهترين ڪهاڻي آهي، جيڪا حقيقت پسندي (Realism) ۽ مثاليت (Allegory) جو بهترين امتزاج آهي. برک ڪهاڻيڪار رسول ميمڻ مطابق موضوع جي لحاظ کان شبنم گل جون ڪهاڻيون سنڌي ادب ۾ مروج موضوعن کان الڳ ۽ منفرد آهن. هوءَ عام رواجي موضوعن کي به پنهنجي اسلوب سان خاص بڻائي ٿي. سندس ٻوليءَ ۾ رواني آهي، پڙهڻ سان اکين اڳيان واضح منظر اُڀري سامهون اچي ٿو. عالمي ڪهاڻي جي پس منظر ۾ هن جون ڪهاڻيون ڪنهن حد تائين اهڙين جدتن جو پورائو ڪندي نظر اچن ٿيون.

اها حقيقت آهي ته شبنم انساني نفسيات جي مختلف روپن کي نئين نموني ۽ انداز سان پيش ڪيو آهي. سندس هر ڪهاڻيءَ ۾ ڪردار جو نفسياتي رخ سامهون اچي ٿو. اُن حوالي سان سندس ڪهاڻيون ’خوف‘، ’چنڊ جي ڪرڻن جو زهر‘ ڪردارن جي نفسياتي پهلو کي ظاهر ڪن ٿيون. سندس ٻين ڪهاڻين ۾ ’هڪ مرد ۾ ورهايل ٽي عورتون‘، ’سهميل چاندوڪيءَ جو عڪس‘، ’هڪ مشروط محبت جو ڏک‘، ’خالي هنج جو ڏک‘، ’سينگار ميز‘، ’ميڻ بتيءَ جهڙي دل جي اڪيلائي‘ ۽ ’امان‘ وغيره

نفسياتي مونجهارن ۽ احساسن سان ڀرپور نظر اچن ٿيون. سندس ڪهاڻيون نه گهڻيون طويل آهن ۽ نه ئي صفا مختصر. اُنهن ڪهاڻين جي ڊيگهه ايتري مناسب آهي، جو بلڪل ٿوري وقت ۾ پڙهڻ بعد پنهنجو اثر ڇڏين ٿيون. سماج ڪي رستو ڏيکاريندڙ نندين نندين ڳالهين، واقعن ۽ احساسن ڪي اهميت ڏيندڙ ڪهاڻيون آهن، جن سان رشتن جي تقدس ڪي قائم رکڻ ۾ مدد ملي ٿي. هن تبليغ ڪرڻ يا پنهنجو مؤقف مڙهڻ کان پاسو ڪيو آهي.

سندس ڪهاڻين ۾ موجوده حالتن جا عڪس آهن. هن جديد دور جي جديد مسئلن ڪي جديد نموني زير بحث آندو آهي. سندس ڪهاڻين جي موضوعن ۾ مقصديت ۽ فڪري پختگي ڪيس پنهنجي همعصرن کان الڳ مقام عطا ڪري ٿي. سڀ کان وڏي ڳالهه اها آهي ته هو ٽن ڏهاڪن کان مستقل مزاجيءَ سان ڪهاڻيءَ جي صنف سان نڀائي رهي آهي.

**نتيجو:**

شبنم گل جي ڪهاڻين جو اڀياس ڄاڻائي ٿو ته:

- جديد سنڌي ڪهاڻي لکندڙن ۾ شبنم گل جو نالو اهميت جوڳو آهي. سندس ٻه ڪهاڻين جا مجموعا ٽيٽيهن ڪهاڻين تي مشتمل شايع ٿي چڪا آهن.
- شبنم هڪ حساس، نرم دل، محبتي ۽ محنتي ڪهاڻيڪارا آهي جنهن جي فن ۾ سنڌ ڌرتيءَ جي تهذيب ۽ تمدن جي محبت جا بجا موجود آهي.
- سندس ڪهاڻيون سنڌي وچولي ۽ هيٺين طبقي جي ڪردارن جي سماجي حيثيت، نفسيات ۽ مزاج جي پرک ڏين ٿيون.
- پنهنجي ڪردارن ڏانهن هاڪاري رويي سبب سندس ڪردارن جي نفسيات جو هاڪاري پهلو نمايان ٿيئي ٿو چڱائيءَ ڏانهن اهڙي ادبي پيش رفت ليکڪ جي سچيتائيءَ ۽ سڄاڻ هئڻ جو جو ثبوت آهي. هر ڪهاڻيءَ جو انداز ۽ رنگ الڳ آهي. جن ۾ ثقافتي ۽ فڪري قدرن جي ترجماني سنڌي ٻوليءَ جي وڻندڙ استعمال سان گڏ ملي ٿي
- موضوع طور هن فطرت جو مطالعو اثرائتن لفظن ۾ پيش ڪيو آهي.





- هن پنهنجي ڪهاڻين ۾ عورت ذات ڪي با اعتماد ڏيکاريو آهي گڏوگڏ ماءُ جي لازوال ممتا جي جذبي ڪي مجتا ڏيندي ڪيس اولاد لاءِ قرباني ڏيندي ڏيکاريو آهي.
- سياسي علمي، انقلابي، رومانوي، مذهبي، قومي ۽ مزاحمتي موضوع سندس ڪهاڻين ۾ نه آيل آهن پر سندس ڪهاڻين ۾ فلسفو، نفسيات، جماليات ۽ فطرت جو اونهو اڀياس ملي ٿو. جنهن مطابق سندس ڪهاڻيون، احساساتي، تاثراتي، روحانيت ۽ چڱائيءَ سان معمور اخلاقي قدرن جو آواز آهن.

## حوالا


١. شهاڻي، ريٽا، ’رشتن جو رقص‘، ڪويتا پبليڪشن، حيدرآباد، ٢٠٠٥ع، ص: ٢٣.

٢. سومرو، عبدالواحد، ’ڌرتيءَ جو پٽ‘، مُرڪ پبليڪيشن ڪراچي، ٢٠١٧ع، ص: ٨.

٣. شبنم گل، ’اڻ ڄاتل شهر جو نقشو‘، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد، ١٩٩٥ع، ص: ۴.

۴. ساڳيو، ص: ۵.

۵. ساڳيو، ص: ۴٢.

٦. ساڳيو، ص: ٦٨.

٧. ساڳيو، ص: ۵.

٨. شبنم گل، ’خالي هنج جو ڏک‘، پوپٽ پبليڪيشن، خيرپور، ٢٠١٧ع، ص:٨٧.

٩. فياض لطيف، ڊاڪٽر، ’مختلف ٻولين جي شاعريءَ ۾ جماليات‘، ’ڪلاچي‘، تحقيقي جرنل، جلد ١٨، شمارو پهريون، ايڊيٽر: پروفيسر سليم ميمڻ، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي، جون، ٢٠١۵ع، ص: ١٢٦.

١٠. ساڳيو، ص: ١٢٦.

١١. شبنم گل، ’خالي هنج جو ڏک‘، پوپٽ پبليڪيشن، خيرپور، ٢٠١٧ع، ص: ٣١.

١٢. ساڳيو، ص: ٣٣ ۽ ٣۴.

١٣. قريشي، طارق/ضراب حيدر، ’حيدرآباد‘، (ڪهاڻيون) سچائي اشاعت گهر، حيدرآباد، ٢٠١٨ع، ص: ٢٢.

١۴. ابڙو، زاهده، ’ڪتاب تي تبصرو خالي هنج جو ڏک‘، همسري مئگزين، ايڊيٽر: زاهده ابڙو، جولاءِ، ٢٠١٨ع، ص: ۴١.

١۵. شبنم گل، ’خالي هنج جو ڏک‘، پوپٽ پبليڪيشن، خيرپور، ٢٠١٧ع، ص: ١۵٢.